# سنڌ آرڊيننس نمبر XII، 1970
# سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آرڊيننس، 1970

## فهرست (Contents)


تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، شروعات ۽ نفاذ (Application)
2. اوصاف (Definitions)
3. قيام ۽ شموليت (Establishment and in Corporation)
4. بورڊ جي جوڙجڪ (Constitution of Board)
5. چيئرمين ۽ رڪنن (Members) جي نااهلي، هٽائڻ ۽ استعيفي
6. بورڊ جون گڏجاڻيون (Meetings of the Board)
7. ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)
8. ضابطو رکندڙ اختياري جا اختيارات (Powers of Controlling Authority)
9. مشاورتي جماعت (Advisory Council)
10. بورڊ جا اختيارات ۽ ذميواريون (Powers and duties of the Board)
11. ٽيڪسٽ بوڪ (Text Books)
12. جماعتون (Committees)
13. عملدار ۽ ملازم (Officers and Servants)
14. عملدارن ۽ ملازمن جا اختيارات ۽ ذميواريون (Duties)
15. پراويڊنٽ فنڊ يا پينشن (Provident Fund or Pension)
16. چيئرمين کي اختيارات جو مجاز بڻائڻ (Delegation) ، وغيره.
17. بورڊ ۽ ان جي ملازمن جي استثني (Immunity)
18. بورڊ هڪ مقامي اختياري هئڻ (Local Authority)
19. بجيٽ جا ڪاٿا (Budget Estimates)
20. حساب ڪتاب رکڻ (Maintenance of Accounts)
21. سالياني خبر چار (Reports) ۽ حاصلات (Returns) پيش ڪرڻ
22. جاچ پڙتال (Audit)
23. تصديق (Validation)
24. ڪارگذاري (Acts) ۽ حڪمن (Orders) جو تحفظ (Protection)
25. قاعدا (Rules)
26. ضابطا جوڙڻ لاءِ بورڊ جا اختيارات (Powers of Board to make Regulations)
27. منسوخي (Repeal)

[26 هين نومبر، 1970]

**هڪ آرڊيننس، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي قيام جي فراهمي لاءِ**

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسٽ بوڪن (Text Books)، رهنما_ڪتابن (Guide-Books) استادن ۽ شاگردن کي گهربل ٻئي پڙهائي جي سامان (Reading Material) جي پيداوار (Production) ۽ ڇپائي (Publication) لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو قيام ضروري ٿي پيو آهي:

هاڻي، ان ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، ساڻ عارضي آئيني حڪم نامو (PCO) ۽ ان موجب حاصل سمورن اختيارات مطابق سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس تيار ڪري، جاري (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

1. (1) هي آرڊيننس سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات (Short title and commencement)

(2) اهو سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3) اهو فوري طور تي نافذالعمل (Come into force) ٿي ويندو.

2. هن آرڊيننس ۾ ڏنل مفهوم (Context) جي جيستائين ٻي معنيٰ ضروري نہ هجي، تيستائين هيٺ ڏنل اصطلاحن (Expressions) جي معنيٰ، هيٺ ڏنل ترتيب موجب، جيئن لکيل آهي، سمجهي ويجي، جيئن تہ

وصفون (Definitions)

(a) "صلاحڪاري ڪائونسل (Advisory Council):" مطلب دفع-9 (Section-9) تحت جوڙيل صلاحڪاري ڪائونسل.

(b) "بورڊ (Board)" مطلب دفع_3 (Section_3) تحت جوڙيل سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ.

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو سربراهہ.

(d) "ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)" مطلب بورڊ جي ضابطو رکندڙ اختياري.

(e) "جماعت (Committee)" مطلب بورڊ جي جماعت.

(f) "رڪن (Member)" مطلب بورڊ جو رڪن.

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(h) "ادارو Institute" مطلب هڪ انٽرميڊيئيٽ ڪاليج (Intermediate College) سڪول (School) يا هڪ پولي ڪنيڪ (Polytechnic)، ووڪيشنل (Vocational) يا ڪمرشل (Commercial)ادارو.

(i) "انٽرميڊيئيٽ ڪاليج Intermediate College" ڪ ادارو جيڪو يارهين ۽ ٻارهين درجي سان گڏ نائين ۽ ڏهين درجي کي تعليم ڏيڻ لاءِ مڃيل (Recognized) ادارو هجي.

(j) "واضح ڪيل (Prescribed)" مطلب هن آرڊيننس جي قاعدن يا ضابطن موجب واضح ڪيل.

(k) "قاعدا (Rules)" ۽ "ضابطا (Regulations)" مطلب هن آرڊيننس جا ترتيبوار قاعدا ۽ ضابطا جوڙيل

